# تِلاوت جو شوق رکندڙ

10-March-2022



هفتيوار سنتن ڀري اجتماع ۾ ٿيڻ وارو
سُنتن ڀريو بيان

(For Islamic Brothers)

10 مارچ، 2022 تي پاڪستان جي هفتيوار اجتماعن ۾ ٿيڻ وارو بيان

# تِلاوت جو شوق رکندڙ

## هن بيان ۾ اوهان ڄاڻي سگهندؤ

✿... الله پاڪ جا انعام يافته ٻانها

✿... شوقِ تِلاوت جو قابِلِ رشڪ انعام

✿... قيامت جي ڏينهن تِلاوت ڪرڻ واري تي ڪرم

✿... هڪ عاشِقِ قرآن جي قبر جو حال

پيشڪش
**مجلس اَلمَدِينَةُ العِلمِية**(اسلامڪ ريسرچ سينٽر)
(شعبو بياناتِ دعوتِ اسلامي)
**ترجمو**
ٽرانسليشن ڊيپارٽمنٽ (دعوتِ اسلامي)

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِیْنَ وَ الصَّلٰوةُ وَ السَّلَامُ عَلٰی سَیِّدِ الْمُرْسَلِیْنَ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّیْطٰنِ الرَّجِیْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِیْمِ ؕ

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ الله

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ الله

نَوَيْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِكَافِ

(مون سنّتِ اعتکاف جي نيّت ڪئي)

پيارا اسلامي ڀائرو! نَوَيْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِكَاف جي معنيٰ آهي: مون سُنَّت اعتڪاف جي نيت ڪئي. نيت دِل جي ارادي کي چئبو آهي، جڏهن به مسجد ۾ حاضِري نصيب ٿئي، هر ڀيرو ياد ڪري دِل ۾ ارادو رکي عربي، سنڌي يا ڪنهن به زبان ۾ اعتڪاف جي نيت ڪرڻ گهرجي! اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! جيستائين مسجد ۾ رهندؤ نفل اعتڪاف جو ثواب ملندو رهندو، ياد رکو! مسجد ۾ کائڻ، پيئڻ، سمهڻ، سحري افطاري ڪرڻ، دَم ڪيل پاڻي پيئڻ وغيره شرعاً جائِز نه آهي، اعتڪاف جي نيت ڪنداسين ته اهي ڪم به جائِز ٿي ويندا.

## درود شريف جي فضيلت

حضرت شيخ اَبُو الحسن شَعَراني رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: حضرت مَنْصُور بن عمّار رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه کي مون وفات کان بعد خواب ۾ ڏسي پڇيو: مَافَعَلَ اللّٰهُ بِكَ يعني الله پاڪ اوهان سان ڪهڙو معاملو فرمايو؟ جواب ڏنائين: منهنجي رَبّ ڪريم مون کي فرمايو: تون مَنصُور بن عَمَّار آهين؟ مون عرض ڪيو: هائو، يارَبَّ العالمين! پوءِ فرمايائون: تون ئي آهين جيڪو ماڻهن کي دُنيا کان بي رغبتي جي ترغيب ڏين ٿو ۽ پاڻ دُنيا جي طرف راغِب (يعني مائِل) آهين؟ مون عرض ڪيو: ياالله پاڪ! واقعي ڳالهه ته اها ئي آهي پر جڏهن به مون ڪنهن اجتماع ۾ بيان شروع ڪيو ته پهريان تنهنجي حمد ۽ ثنا ڪئي، ان کان بعد تنهنجي حبيب صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ تي درودِ پاڪ پڙهيو، پوءِ ان کان بعد تنهنجي ٻانهن کي وَعظ و

نصيحت ڪئي. منهنجي هن عرض تي الله پاڪ جي رحمت جوش ۾ آئي ۽ ارشاد ٿيو: اي ملائڪو! هن جي لاءِ آسمانن ۾ ڪرسي رکو ته جيئن جهڙي طرح هي منهنجي زمين تي منهنجي ٻانهن اڳيان منهنجي بزرگي بيان ڪندو هو، (اهڙي طرح) منهنجي آسمانن ۾(به) هي منهنجي ملائڪن اڳيان منهنجي عظمت بيان ڪري.[1]

ہوں درود و سلام آقا لب پر مُدام | ہر گھڑی دم بدم، تاجدارِ حرم[2]

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰهُ عَلٰی مُحَمَّد

## بيان ٻڌڻ جون نيتون

حديثِ پاڪ ۾ آهي: اِنَّمَا الْاَعْمَالُ بِالنِّيَّات عملن جو دارو مدار نيتن تي آهي.[3]

پيارا اسلامي ڀائرو! سٺي نيت افضل ترين عمل آهي، بيان ٻڌڻ کان پهريان ڪجھ سٺيون سٺيون نيتون ڪري ونو! مثلاً نيت ڪريو: ۞ نگاهون جهڪائي ڪري توجھ سان بيان ٻُڌندس ۞ عِلمِ دين جي تعظيم جي خاطر جيتري دير ٿئي سگهيو روزانو ٻه زانو يعني اَلتَّحِيَّات جي صورت ۾ ويهندس۞ ضرورت مطابق سرڪِي ڪري ٻين جي لاءِ جڳهه ڪشاده ڪندس ۞ ڌِڪو وغيره لڳو ته صبر ڪندس ۞ چتائي ڏسڻ، چڙٻڻ، الجهڻ کان بچندس ۞ بيان کان بعد پاڻ اڳتي وڌي مسلمانن کي سلام ڪندس. ۞ هٿ ملائيندس. ۽ ۞ نيڪي جي دعوت پيش ڪندس. اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْکَرِیْم!

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰهُ عَلٰی مُحَمَّد

## الله پاڪ جا انعام يافته ٻانها

حضرت علي بن صالح ۽ حضرت حسن بن صالح رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْهِمَا ڀئي ڀائر هئا. انهن

[1]…رساله قشيريه، صفحه:48.

[2]…وسائلِ بخشش، صفحه:49.

[3]…بخاري، ڪِتَاب:بَدءُ الْوَحی، صفحه:65، حديث:1.

جو گھراڻو تِلاوت قرآن جو گھڻو شوقين ھو، سندن گھر ۾ روزانو رات جو ھڪ قرآن پاڪ ختم ڪيو ويندو ھو. انداز اِھو ھو جو قرآنِ پاڪ جو ٽيون حصو (One Third) حضرت علي بن صالح رَحۡمَۃُ اللہِ عَلَیۡہ تلاوت ڪندا ھئا، ٻيون حصو سندن ڀاءُ حضرت حسن بن صالح تلاوت ڪندا ھئا، جڏھن تہ ٽيون آخري حصو سندن والده محترمہ تلاوت ڪنديون ھيون. اھڙي طرح سندن گھر ۾ روزانو ھڪ ختمِ قرآن جي ترڪيب ٿيندي ھئي. ڪجھ عرصي ڪان پوءِ سندن امڙ جو انتقال ٿي ويو. ھاڻي ھڪ ڀاتي گھٽ ٿي ويو ھو، ان جي باوُجُود انھن قرآنِ ڪريم جي تلاوت ۾ گھٽتائي اچڻ نہ ڏني، ٻنھي ڀائرن گڏجي والِده محترمہ جي ڪمي پُوري ڪئي ۽ اھي ٻئي ملي اڌ اڌ قرآن تلاوت ڪندا ھئا ۽ قرآنِ پاڪ ختم ڪندا ھئا. پوءِ ڪجھ عرصي ڪان بعد حضرت علي بن صالح رَحۡمَۃُ اللہِ عَلَیۡہ جو بہ انتقال ٿي ويو تہ ھاڻي حضرت حَسَن بن صالِح رَحۡمَۃُ اللہِ عَلَیۡہ اڪيلا رھجي ويا پر سندن شوقِ تلاوت تي قربان! انھن تِلاوت ۾ ڪمي نہ اچڻ ڏني، ھاڻي حضرت حَسَن بن صالح رَحۡمَۃُ اللہِ عَلَیۡہ اڪيلا ئي پنھنجي والده ۽ ڀاءُ جي حِصي جي بہ تِلاوت ڪندا ھئا يعني روزانو اڪيلا ئي سڄو قرآنِ ڪريم ختم ڪندا ھئا.

حضرت علي بن صالِح رَحۡمَۃُ اللہِ عَلَیۡہ جي ھڪ قريبي شخص جو بيان آھي: جنھن رات حضرت علي بن صالِح رَحۡمَۃُ اللہِ عَلَیۡہ جو انتقال ٿيو، مان انھن وٽ ھئس، پاڻ رَحۡمَۃُ اللہِ عَلَیۡہ مون ڪان پاڻي گھريو، مان ان وقت نماز پڙھي رھيو ھئس، تنھنڪري يڪدم پاڻي پيش نہ ڪري سگھيس، نماز ڪان فارِغ ٿي مان جلدي سان پاڻي کڻي حاضِر ٿيس تہ حضرت علي بن صالِح رَحۡمَۃُ اللہِ عَلَیۡہ فرمايو: مون ھاڻي ھاڻي پاڻي پيتو آھي. مون کي ڏاڍي حيراني ٿي تہ مون ڪان علاوه ھتي ٻيو ڪوبہ نہ آھي، پوءِ پاڻي ڪنھن پيش ڪيو؟ مون حضرت علي بن صالِح رَحۡمَۃُ اللہِ عَلَیۡہ ڪان پنھنجي ھن حيراني جو ذِڪر ڪيو تہ فرمايائون: اللہ پاڪ جي رحمت سان ھاڻي ھاڻي حضرت جبريلِ امين عَلَیۡہِ السَّلَام مون کي پاڻي پيئاريو ۽ فرمايائون: انبياء، صديقين، شُھداء ۽ صالحين (يعني نيڪ ٻانھا) اھي آھن، جن تي اللہ پاڪ انعام فرمايو، (اي علي بن صالِح!) ٻُڌو...! توھان، توھان جو ڀاءُ ۽ توھان جي والده بہ انھي نيڪ ماڻھن

۾ شامِل آهن، جن تي الله پاڪ جو انعام آهي.

ان شخص جو چوڻ آهي، هي حضرت علي بن صالِح رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه جي آخري گفتگو هئي، ان سان گڏ ئي سندن روح پرواز ڪري ويو.[1] الله پاڪ جي انهن تي رحمت ٿئي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب بخشش ٿئي.

آمِيۡن بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ

تلاوت کی توفیق دیدے الٰہی! | گناہوں کی ہو دُور دل سے سیاہی

**اي عاشقانِ رسول!** ڏٺو اوهان! حضرت علي بن صَالِح رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه سندن ڀاءُ ۽ والِده محترمہ تِلاوتِ قرآن جا ڪيترا شوقين هئا، انهن جي گهر روزانو ختمِ قرآن ٿيندو هو، انهن خوش نصيبن کي شوقِ تِلاوت جو ڪيترو پيارو انعام مليو: حضرت علي بن صالِح رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه کي وفات کان پهريان، دُنيا ئي ۾ ملائڪن جي سردار حضرت جبريلِ امين عَلَيۡهِ السَّلَام جي زيارت نصيب ٿي، حضرت جبريلِ اَمين عَلَيۡهِ السَّلَام کين پاڻ ٻڌايو ته الله پاڪ جي نيڪ ۽ انعام يافته ٻانهن هئڻ جي بِشَارت ڏني.

الله پاڪ اسان کي بہ ڪثرت تِلاوت جي توفيق عطا فرمائي. ڪاش! مديني پاڪ ۾، سنهري جارين جي سامهون، گنبدِ خضرا جي ڇانوَ ۾ تِلاوتِ قرآن ڪندي، درود پڙهندي، نعتن جا نذرانا پيش ڪندي، چڱي ۽ قابلِ رَشڪ موت نصيب ٿئي. آمِين بِجَاه خَاتَمِ النَّبِيِّين صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ.

اِلٰہی! خُوب دیدے شوق قرآں کی تلاوت کا | شرف دے گنبدِ خضرا کے سائے میں شہادت کا

## ڇا جبريلِ اَمين عَلَيۡهِ السَّلَام زمين تي ايندا آهن؟

**پيارا اسلامي ڀائرو!** ڪي ماڻهو هي خيال ڪن ٿا تہ حضرت جبريلِ امين عَلَيۡهِ السَّلَام ڇوتہ انبياءِ ڪرام عَلَيۡهِمُ السَّلَام وٽ وَحي کڻي ايندا هئا، هاڻي نبُوَّت ختم ٿي چڪي آهي، تنهنڪري هاڻي حضرت جبريلِ اَمين عَلَيۡهِ السَّلَام بہ زمين تي تشريف نٿا آڻن.

[1]...صفة الصفوة، جزء:3، جلد:2، صفحہ:100و101بتغيرقليل۔

هي صرف عوامي خيال آهي، نبوّت جو دروازو يقيناً بند ٿي چڪو، اسان جي پياري آقا، مکي مدني مصطفيٰ صَلَّی اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ کان بعد حضرت جبريلِ امين عَلَيْهِ السَّلَام وَحي کڻي آيا، البت وَحي پهچائڻ کان عِلاوه ڪنهن ٻئي مقصد جي لاءِ اجا بہ زمين تي تشريف آڻين ٿا. سيپاري: 30، سورت قَدر ۾ الله پاڪ فرمائي ٿو:

| | |
|---|---|
| تَنَزَّلُ الْمَلٰٓىِٕكَةُ وَ الرُّوْحُ فِيْهَا بِاِذْنِ رَبِّهِمْ ۚ مِنْ كُلِّ اَمْرٍ ۛ (پاره:30، سورۂ قدر، آيت:4) | ترجموڪنزُ العرفان: هن رات ۾ ملائڪ ۽ جبريل پنهنجي رب جي حڪم سان هر ڪم جي لاءِ لهندا آهن. |

هن آيت مان صاف معلوم ٿيو تہ شبِ قدر جيڪا هرسال ايندي آهي، ان رات جو حضرت جبريل عَلَيْهِ السَّلَام زمين تي تشريف آڻيندا آهن. مرقاة المفاتيح ۾ آهي: اِنَّ جِبْرَائِيلَ يَحْضُرُ مَوْتَ كُلِّ مُؤْمِنٍ يَكُوْنُ عَلَى طَهَارَةٍ هر مؤمن جيڪو وُضو جي حالت ۾ مري، سڪرات جي وقت ان وٽ حضرت جبريلعَلَيْهِ السَّلَام تشريف آڻيندا آهن .[1]

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيْب! صَلَّی اللّٰهُ عَلٰی مُحَمَّد

## شوقِ تِلاوت جو قابِلِ رشڪ انعام

حضرت ثابِت بُنَاني رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه نهايت نيڪ، پرهيز گار ٻانها هئا، پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه سدائين ڏينهن جو روزو رکندا ۽ سڄي رات عبادت ڪندا هئا. حضرت ثابِت بُنَاني رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه کي تِلاوتِ قرآن جو گهڻو شوق هو، روزانو هڪ قرآن پاڪ ختم فرمائيندا هئا.[2] پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي هڪ خوبصُورت عادت اها بہ هئي تہ جنهن مسجد وٽان لنگهندا هئا ان ۾ بہ رڪعتون (تَحِيَّةُ المسجِد) ضرور پڙهندا هئا. تحديثِ نعمت طور فرمائن ٿا: مون جامع مسجد جي هر ٿنڀي وٽ قرآن شريف

1…مرقاة شرح مشكوٰة، جلد:10، صفحه:132۔

2…حلية الاولياء، جلد:2، رقم:2575، صفحه:364۔

جو ختمو ڪيو ۽ الله پاڪ جي بارگاهہ ۾ آهہ و زاري ڪئي آهي.[1]

حضرت ثابِت بُناني رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه کي نماز ۽ تِلاوت سان خصوصي محبت هئي، ان جي برڪت سان سندن تي اهڙو تہ ڪرم ٿيو جو رشڪ اچي ٿو، جيئن سندن وفات کان بعد تدفِين جي دوران اوچتو هڪ سِر قبر جي اندر ڪري پئي، ماڻهو سِر ڪڍڻ جي لاءِ جڏهن قبر ۾ جهڪيا تہ اِهو ڏسي حيران ٿي ويا تہ پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه قبر ۾ بيهي نماز پڙهي رهيا آهن! جڏهن سندن گهر وارن کان پڇيو ويو تہ شهزادِي صاحبہ ٻڌايو: والدِ محترم رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه روزانو دعا گهرندا هئا: ”يا الله پاڪ! جيڪڏهن تون ڪنهن کي وفات کان پوءِ قبر ۾ نماز پڙهڻ جي سعادت عطا فرمائين تہ مون کي بہ ان جو شرف عطا ڪجانءِ.“[2] منقول آهي: جڏهن بہ ماڻهو حضرت ثابِت بُناني رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي مزارِ پرُ انوار جي ويجهو کان گذرندا هئا تہ قبر مبارڪ مان تلاوتِ قرآن جو آواز ٻڌڻ ۾ ايندو هو.[3]

دہن میلا نہیں ہوتا، بدن میلا نہیں ہوتا | خُدا کے اَوْلیا کا تو کفن میلا نہیں ہوتا

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللہُ عَلٰی مُحَمَّد

## قرآن پڙهندو وڃ! جنّت جا درجات پار ڪندو وڃ...!

اي عاشقانِ رسول! ڏٺو اوهان تِلاوتِ قرآن جي برڪت! اَلْحَمْدُ لِله! قرآنِ مجيد باوَفَا آهي، اسان جا رشتا، اسان جا تعلقات، اسان جون دوستيون هي سيئي قبر کان پهريان ٽائين آهن، جيئن ئي جسم مان رُوح جُدا ٿيندو آهي، مَيت قبر ۾ لهندي آهي، سيئي رشتا ناطا ساٿ ڇڏي ڏيندا آهن.

دَبا کے قبر میں سب چل دیئے دُعا نہ سلام | ذرا سی دیر میں کیا ہو گیا زمانے کو

اَلْحَمْدُ لِله! قرآنِ ڪريم وَفَا ڪندو آهي، جيڪو بانهو قرآنِ ڪريم سان پنهنجو تعلق جوڙي رکي ٿو، قرآنِ ڪريم سان محبت جو رشتو مضبوط ڪري

---

[1]...حلية الاوليا، جلد:2، رقم:2577، صفحه:364.

[2]...حلية الاوليا، جلد:2، رقم:2568، صفحه:362.

[3]...حلية الاوليا، جلد:2، رقم:2583، صفحه:366.

تو، جيڪو قرآنِ ڪريم کي پنهنجو هادِي ۽ رهنماء بڻائي وٺي ٿو، قرآنِ مجيد قبر جي تنهائين ۾ به ان جو ساٿ ڏئي ٿو، حشر جي وَحشتن ۾ به ساٿ ڏئي ٿو، ڪٿي، ڪنهن مقام تي پنهنجي چاهيندڙ کي اڪيلو نٿو ڇڏي، ايستائين جو تِلاوت ڪرڻ واري کي جنّت تائين پهچائي ڇڏي ٿو. صحابيءِ رسول حضرت ابوهريره رَضِیَ اللّٰهُ عَنْه کان روايت آهي، صاحِبِ قرآن، محبوبِ رحمٰن صَلَّی اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ فرمايو: قرآنِ ڪريم قيامت جي ڏينهن ايندو ۽ تِلاوت ڪرڻ واري جي سفارش ڪندي الله پاڪ جي بارگاهه ۾ چوندو: اي رَبّ ڪريم! هن کي زينت عطا فرماءِ. پوءِ تلاوت ڪرڻ واري کي ڪرامت جو تاج پارايو ويندو. قرآنِ ڪريم چوندو: يَا رَبِّ زِدْهُ اِلٰهي! اِضَافو فرماءِ. پوءِ تِلاوت ڪرڻ واري کي ڪرامت جو لباس پارايو ويندو، قرآنِ ڪريم چوندو: يَارَبِّ اِرْضِ عَنْهُ اي رَبّ ڪريم! هن ٻانهي سان راضِي ٿي وڃ. الله پاڪ ان سان راضي ٿي ويندو ۽ حڪم ٿيندو: اي ٻانها قرآنِ ڪريم پڙهندو وڃ، جنّت جا درجات پار ڪندو وڃ.[1]

تلاوت کروں ہر گھڑی یااِلٰہی! | بکوں نہ کبھی بھی میں واہی تباہی

## قيامت جي ڏينهن تِلاوت ڪرڻ واري تي ڪرم

هڪ حديثِ پاڪ ۾ آهي، الله پاڪ جي آخري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّی اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: جيڪو ٻانهو ڏينهن ۽ رات ۾ قرآنِ ڪريم جي تِلاوت ڪندو آهي، قرآنِ ڪريم جي حلال کي حلال ۽ حرام کي حرام سمجهندو آهي، الله پاڪ ملائڪن کي سندس رفيق (يعني ساٿي) بڻائيندو آهي. جڏهن قيامت جو ڏينهن ٿيندو، قرآنِ ڪريم ان ٻانهي جي لاءِ الله پاڪ جي بارگاهه ۾ دليلون ڏيندو، قرآن چوندو: اي رَبّ ڪريم! هر شخص دُنيا ۾ پنهنجي ڪم جي اُجرت وٺندو هو پر فُلاڻو شخص، اهو ڏينهن ۽ رات ۾ منهنجي تِلاوت ڪندو هو، منهنجي حلال کي حلال ۽ حرام کي حرام سمجهندو هو، يا رَبّ! اڄ ان کي اجر عطا فرماءِ.

---

[1]...شُعَبُ الايمان، جلد:2، صفحه:347، حديث:1997ملتقطاً۔

قرآنِ ڪريم جي عرض تي ان ٻانهي کي شاهي تاج ۽ ڪرامت جو لباس پارايو ويندو. پوءِ اللّٰه پاڪ قرآنِ ڪريم کي فرمائيندو: هَلْ رَضَيْتَ؟ (اي قرآن!) ڇا تون راضِي آهين؟ قرآنِ ڪريم چوندو: يا رَبّ! هن کان بہ اَفضَل اَجر عطا فرما. هاڻي ان ٻانهي کي بادشاهت ۾ جنّت عطا ڪئي ويندي. پوءِ قرآنِ ڪريم کي چيو ويندو: هَلْ رَضَيْتَ (اي قرآن!) ڇا هاڻي تون راضي آهين؟ قرآنِ ڪريم چوندو: ها، يا رَبّ (هاڻي مان راضي آهيان).[1]

تلاوت کا جذبہ عطا کر اِلٰہی! معاف فرما میری خطا ہر اِلٰہی!

## قرآن اللّٰه پاڪ جي مضبوط رسي آهي

مسلمانن جي چوٿين خليفي امير المؤمنين حضرت علي المرتضيٰ رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ کان روايت آهي، نبي اڪرم، نورِ مجسم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ فرمايو: عنقريب فتنہ ٿيندا. مون عرض ڪيو: يارسول اللّٰه صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ! هنن کان بچڻ جو ڪهڙو طريقو آهي؟ فرمايائون: اللّٰه پاڪ جو ڪتاب (يعني قرآنِ ڪريم). پوءِ فرمايائون: قرآن ڪريم ۾ توهان کان اڳ وارن ۽ بعد وارن جون خبرون آهن ۽ قرآنِ ڪريم ۾ توهان بابت فيصلا آهن، جيڪو ظالم ان کي ڇڏيندو اللّٰه پاڪ ان کي تباهہ ڪندو ۽ جيڪو قرآنِ ڪريم کان علاوه ڪنهن ٻئي مان هدايت ڳولهيندو اللّٰه پاڪ ان کي گمراهہ ڪندو، قرآنِ ڪريم اللّٰه پاڪ جي مضبوط رَسّي ۽ حڪمت وارو ذڪر آهي، قرآنِ ڪريم سڌي راهہ آهي، قرآنِ ڪريم جي برڪت سان خواهشون متجنديون آهن، قرآنِ ڪريم جا عجائبات ختم ناهن ٿيندا، جيڪو قرآن مطابق ڳالهہ ڪري اهو سچو آهي، جنهن ان تي عمل ڪيو اهو ثواب ماڻيندو، جيڪو قرآنِ ڪريم جي مطابق فيصلو ڪندو اهو انصاف ڪرڻ وارو هوندو ۽ جيڪو قرآنِ ڪريم ڏانهن سڏيندو تہ اهو ضرور سڌي راهہ جي طرف سڏيندڙ هوندو.[2]

---

[1]...شُعَبُ الایمان، جلد:2، صفحہ:345، حدیث:1991۔

[2]...ترمذی، کتاب فضائل القرآن، باب:ماجاء فی فضل القرآن، صفحہ:675، حدیث:2906۔

صحابي رسول حضرت عبدالله بن مسعود رَضِيَ اللهُ عَنْه فرمائن ٿا: بيشڪ هي قرآن الله پاڪ جي دعوت آهي، الله پاڪ جي دعوت کي جيترو سکي سگهو ٿا، سکو! بيشڪ هي قرآنِ ڪريم الله پاڪ جي مضبوط رَسّي آهي، جيڪو قرآنِ ڪريم کي مضبوطي سان پڪڙي، ته قرآنِ ڪريم ان جي لاءِ حِفَاظت آهي، جيڪو قرآنِ ڪريم جي پيروي ڪري، ته قرآنِ ڪريم ان جي لاءِ نجات جو ذريعو آهي.[1]

ہر روز میں قرآن پڑھوں کاش! خدایا | اللہ! تلاوت میں مرے دِل کو لگا دے

اي عاشقانِ رسول! ڏسو! قرآنِ ڪريم الله پاڪ جي مضبوط رَسّي آهي، جيڪو هن رَسّي کي مضبوطي سان پڪڙي، قرآنِ ڪريم سان پُوري طرح وابسته ٿي وڃي، قرآنِ مجيد کي دِل ۾ جان سان اپنائي وني، ڏينهن رات ذوق ۽ شوق سان تِلاوت کي پنهنجو معمول بڻائي، اِنْ شَآءَ الله الْكَرِيْم! قرآن مجيد دُنيا ۾، قبر ۾، ميدانِ محشر ۾، ميزان تي، پُلصِراط تي هر هنڌ هن جي حفاظت فرمائيندو ۽ الله پاڪ چاهيو ته جنّت تائين پهچائيندو.

## الله پاڪ ان دِل کي عذاب ناهي ڏيندو

حضرت ابو اُمامه رَضِيَ اللهُ عَنْه کان روايت آهي، الله پاڪ جي آخري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ فرمايو: قرآن پڙهو! بيشڪ جيڪا دِل قرآنِ ڪريم جي جُزدان هجي، الله پاڪ ان دِل کي عذاب ناهي ڏيندو.[2]

فلموں سے ڈراموں سے عطا کر دے تُو نفرت | بس شوق مجھے نعت و تلاوت کا خُدا دے

## قرآنِ شريف جي ٻين ڪتابن تي فضيلت

حضرت ابوسعيد خُدري رَضِيَ اللهُ عَنْه کان روايت آهي، الله پاڪ جي محبوب نبي، مڪي مدني، مُحَمَّد عربي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ فرمايو: الله پاڪ فرمائي ٿو: جيڪو ٻانهو تِلاوتِ قرآن ۽ منهنجي ذِڪر ۾ مَصرُوف ٿيڻ جي سبب مون کا ڪجھ

[1]...تنبيه الغافلين، صفحه:238.

[2]...جامع صغير، صفحه:83، حديث:1340.

گھري نہ سگھي، مان ان کي گھرڻ وارن کان وڌيڪ اَفْضَل عطا فرمايان ٿو.

رسولِ اکرم، نورِ مجسم صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ فرمايو: جھڙي طرح الله پاڪ پنھنجي تمام مخلوق کان اَفضَل آهي، ايئن ئي الله پاڪ جو ڪلام بہ باقي تمام ڪلامن کان اَفضَل ۽ اعليٰ آهي.[(1)]

## تِلاوتِ قرآن افضل ترين عبادت آهي

پيارا اسلامي ڀائرو! غور فرمايو! تِلاوتِ قرآن جون ڪيتريون تہ فضيلتون آهن. ڪاش! اسان کي بہ قرآنِ پاڪ جي تلاوت جو شوق نصيب ٿي وڃي. اسان جي پياري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ فرمايو: اَفْضَلُ عِبَادَةِ اُمَّتِيْ قِرَاءَةُ الْقُرْآنِ قرآنِ ڪريم منھنجي اُمَّت جي اَفضَل ترين عبادت آهي.[(2)]

دے شوقِ تلاوت، دے ذوقِ عبادت | رہوں باوُضو میں سدا یاالٰہی!

حضرت عبد الله بن مسعود رَضِيَ اللهُ عَنْه صحابيءِ رسول آهن، پاڻ بہ عاشقِ قرآن هئا، هڪ ڀيري سندن خدمت ۾ عرض ڪيو ويو: اوهان نفل روزا گھٽ رکو ٿا، ان جو ڪھڙو سبب آهي؟ فرمايائون: جڏهن مان روزو رکندو آهيان تہ ڪمزوري اچي ويندي آهي ۽ مان قرآنِ پاڪ جي تلاوت ناهيان ڪري سگھندو جڏهن تہ مون کي قرآنِ پاڪ جي تلاوت سان محبت آهي.[(3)]

## اللّٰہ پاڪ جو قُرب ڏياريندڙ نيڪي

حضرت فَرْوَه بِن نَوفَل رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: مان حضرت خَبَّاب بِن اَرَتِّ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جو پاڙيسري هئس، هڪ ڏينھن مان ساڻس گڏجي مسجد جي طرف نڪتس، سندن منھنجو هٿ پڪڙي فرمايو: اي شخص! جيترو ٿي سگھي الله پاڪ جو قرب حاصِل ڪريو! پوءِ پاڻ ئي فرمايائون: الله پاڪ جو قُرْب حاصِل ڪرڻ جو

---

[1]…ترمذی، کتاب فضائل القرآن، صفحہ:679، حديث:2926۔

[2]… شُعَبُ الايمان ، جلد:2، صفحہ:354، حديث:2022۔

[3]…شُعَبُ الايمان، جلد:2، صفحہ:354، حديث:2018۔

سڀ کان پسنديده طريقو ان جو ڪلام (يعني قرآنِ مجيد) آهي.[1]

عبادت میں، ریاضت میں، تلاوت میں لگا دے دِل | رجب کا واسطہ دیتا ہوں فرما دے کرم مولٰی

## خواب ۾ الله پاڪ جو ديدار نصيب ٿيو تہ.........

حضرت امام احمد بن حنبل رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ فرمائن ٿا: مون کي خواب ۾ الله پاڪ جو ديدار نصيب ٿيو: (هن دُنيا ۾ الله پاڪ جو ديدار خواب ۾ تہ ٿئي سگهي ٿو پر هن دُنيا ۾ بيداري جي عالم ۾ اکين سان الله پاڪ جو ديدار ڪرڻ پياري آقا، مکي مدني مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ جي خصوصيت آهي، ها! آخرت ۾ اِنْ شَآءَ الله الْڪرِيم! هر جنّتي کي الله پاڪ جو ديدار نصيب ٿيندو، خير! امام احمد بن حنبل رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ کي الله پاڪ جو ديدار نصيب ٿيو، پاڻ فرمائن ٿا:) مون عرض ڪيو: اي رَبِّ ڪريم! تو وٽ ڪهڙو عَمَل اَفضَل آهي؟ جنهن جي ذريعي ماڻهو تنهنجو قُرْب حاصِل ڪن ٿا؟ الله پاڪ فرمايو: اي احمد! اهو منهنجو پاڪ ڪلام (قرآنِ مجيد) آهي، مون عرض ڪيو: اي الله پاڪ! هن کي سمجهي پڙهي يا بغير سمجهي؟ فرمايو: سمجهي پڙهي يا بغير سمجهي (ٻنهي صورتن ۾ فضيلت آهي).[2]

اي عاشقانِ رسول! خبر پئي تہ:۞ تِلاوت اَفْضَل ترين نيڪي آهي ۞ تِلاوت جي برڪت سان الله پاڪ جو قرب نصيب ٿئي ٿو ۞ تِلاوت ڪرڻ واري سان الله پاڪ راضي ٿئي ٿو ۞ تِلاوت ڪرڻ وارو الله پاڪ وٽ وڏو مقام حاصِل ڪري وٺي ٿو. هي بہ خبر پئي تہ قرآنِ ڪريم کي سمجهڻ توڙي جو ضروري آهي تہ ٻانهو جيڪڏهن قرآنِ ڪريم کي سمجهندو نہ تہ ان تي عَمَل ڪيئن ڪندو* البت جيڪڏهن ماڻهو بنا سمجهڻ جي بہ قرآنِ ڪريم جي تِلاوت ڪري، هي بہ وڏي فضيلت جي ڳالهہ آهي، هن سان پڻ دِل روشن ٿئي ٿي ۽ الله پاڪ جي محبت ملي ٿي.

---

1... شُعَبُ الايمان ، جلد:2، صفحہ:354، حديث:2020۔

2...اِحْيَاءُالعُلوم مترجم، جلد:1، صفحہ:826۔

# هڪ عاشِقِ قرآن جي قبر جو حال

هڪ وڏو قابِلِ رَشڪ واقعو بيان ڪيو ويندو آهي تہ ڪٿي هڪ شخص جو انتقال ٿيو، ماڻهو ان جي ڪفن دَفَن جو انتظام ڪرڻ لڳا، قبر کوٽڻ وقت اوچتو پاسي واري هڪ قبر ٽٽي پئي ۽ مٽي واري پاسي کان سُوراخ ٿي ويو، اتي موجود ماڻهن قبر جي اندر جو هي ايمان افروز منظر پنهنجي اکين سان ڏٺو تہ قبر ۾ ميت بلڪل صحيح سلامت آهي ۽ ان جي ڇهري جي مٿان وڻ جي هڪ ٽاري آهي، جنهن مان قطرا ٽپڪي رهيا آهن ۽ قبر ۾ خوشبوئون مهڪي رهيون آهن. ماڻهن ميت کي سڃاڻي ورتو، جيئن تہ پنهنجي عزيز جي تدفين کان بعد ماڻهو ان شخص جي گهر پهتا، ان جي بيوه جيڪا هاڻي پوڙهي ٿي چڪي هئي، ان کان پڇيائون: توهان جي مڙس جو ڪهڙو نيڪ عَمَل هو، جنهن جي برڪت سان ان جي قبر مهڪي رهي آهي؟ پوڙهيءَ عورت چيو: منهنجو مڙس پڙهيل لکيل نہ هو، هو بہ عام ماڻهن جيان نمازون پڙهندو ۽ روزا رکندو هو، مزدور ماڻهو هو، ان کي قرآنِ ڪريم بہ پڙهڻ نہ ايندو هو پر هو قرآنِ مجيد سان گهڻي محبت ڪندو هو، ان جي دِل چاهيندي هئي تہ ان کي بہ قرآن پڙهڻ اچي وڃي ۽ اهو بہ تلاوت ڪندو ڪري. انهيءَ شوق ۾ هو قرآنِ مجيد کولي ويهي رهندو ۽ هر سِٽ تي آڱر ڦيرندي چوندو هو: ياالله پاڪ! مون کي پڙهڻ تہ نٿو اچي پر تو جيڪو فرمايو آهي، بلڪل سچ فرمايو آهي، پوءِ اڳئين سٽ تي آڱر ڦيريندي چوندو هو: موليٰ! تو هي بہ سچ  فرمايو آهي، اِلٰهي! هي بہ سچ فرمايو آهي. ايئن ئي ڪندي ڪندي هو پُورو قرآنِ ڪريم مڪمل ڪندو هو. بَس اهو ئي هڪ خاص عَمَل آهي، شايد انهيءَ جي برڪت سان ان جي قبر مهڪي رهي آهي.

سُبْحٰنَ الله! **اي عاشقانِ رسول!** ڏٺو اوهان! شوقِ تِلاوت جي برڪت...! قرآنِ مجيد واقعي تمام باوَفا آهي، جيڪو قرآنِ مجيد سان پُوري طرح وابستہ ٿي ويندو آهي، قرآنِ مجيد ان کي ڪڏهن بہ محروم ناهي ڇڏيندو. هتي هي بہ خيال رهي تہ الله پاڪ جي رَحمت ذَرّي نواز آهي، الله پاڪ جنهن کي چاهي ٿو

معمولي عَمَل تي رحمتن سان مالا مال ڪري ڇڏي ٿو، اهو شخص قرآنِ ڪريم پڙهڻ نه ڄاڻندو هو، ان جي باوُجُود ان کي شوقِ تِلاوت جون برڪتون نصيب ٿيون، هي الله پاڪ جي رحمت آهي، هن جو اِهو مطلب هر گز نه آهي ته اسان قرآنِ مجيد نه سکون، جهالت کي اپنايون. نه، نه...! اسان کي قرآنِ مجيد سکڻو به آهي، تجويد به سکڻي آهي، دُرُست مخارج به سکڻا آهن، قرآنِ مجيد کي سمجهڻ جي به ڪوشش ڪرڻي آهي ۽ شوق ۽ ذوق سان تِلاوت به ڪرڻي آهي. الله پاڪ اسان کي قرآنِ مجيد سان ڪامِل وابستگي نصيب فرمائي.

آمِيۡن بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِیّٖن صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ

اي عاشقانِ رسول! اَفسوس جي ڳالهه آهي جو هاڻي اسان جو حال تمام بُرو ٿي چڪو آهي: اسان ٿورو پنهنجي ماضِي لاءِ سوچيون، اسان زِندگي ۾ ڪيترا قرآنِ مجيد ختم ڪيا آهن؟ اسان روزانو ڪيتري تِلاوت ڪيون ٿا؟ شايد هنن سوالن جو جواب اسان کي خاطر خواه نه مِلي سگهندو، اسان تِلاوت ناهيون ڪندا، ڪندا به آهيون ته تمام گهٽ ڪندا آهيون، ڪيئي ڪيئي ڏينهن، ڪيئي ڪيئي مهينا بلڪ ڪوڙ سارن جا ته ڪافي سال به بغير تِلاوت جي گذري وڃن ٿا.

دُنیا کی خرافات میں مغرور ہوئے ہیں | ہم لوگ تلاوت سے بہت دُور ہوئے ہیں

بَس هر وقت دُنياوي مال ڪمائڻ جو فِڪر آهي ۞ ڪاروبار وڌي وڃي ۞ آمدني ۾ اِضَافو ٿي وڃي ۞ گاڏيون ملي وڃن ۞ بنگلا مِلي وڃن ۞ عهدا مِلي وڃن ۞ منصب نصيب ٿي وڃن، بَس اهو ئي فِڪر آهي ۽ هاڻي سوشل ميڊيا اچي ويو ۞ فيس بُڪ تي پوسٽون ڪرڻ جو شوق آهي ۞ سيلفي ڪڍي سوشل ميڊيا تي وائِرل ڪرڻ ۽ لائيڪ وڏائڻ جو شوق آهي.

آه! پلے نہ کچھ تِلاوت ہے | نہ درودوں کی کوئی کثرت ہے
آه! عصیاں کی خُوب کثرت ہے | یانبی! اِلتجائے رحمت ہے

## حالّ مُرتَحِل ڇا کي چئبو آهي؟

ڪاش! اسان کي شوقِ تلاوت نصيب ٿي وڃي. حضرت عبد الله بن عبّاس رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡھُمَا فرمائن ٿا: هڪ ڀيري هڪ شخص پياري آقا، مکي مدني مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جي خدمت ۾ حاضِر ٿي عرض ڪيو: يارسولَ الله صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ اَفضَل عَمَل ڪهڙو آهي؟ فرمايائون: توهان تي لازم آهي ته حال مُرْتَحِلْ (يعني منزل تي پهچي وري سَفَر شروع ڪرڻ وارا) بڻجي وڃو! ان عرض ڪيو: يا رسولَ الله صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ حالّ مُرْتَحِل ڇا آهي؟ فرمايائون: اهو قرآن پڙهڻ وارو جيڪو قرآنِ ڪريم کي ابتدا کان پڙهڻ شروع ڪندو آهي ۽ آخر تائين پهچي ويندو آهي، جڏهن قرآنِ ڪريم مڪمل ڪري ڇڏيندو آهي ته ٻيهر ابتداء کان شروع ڪندو آهي، جڏهن به هو پنهنجي منزل تي پهچندو آهي، ٻيهر سَفَر شروع ڪري ڇڏيندو آهي.[1]

## تلاوت جو شوق رکندڙن جا واقعا

پيارا اسلامي ڀائرو! اَلْحَمْدُ لِله! اسان جا بزرگ سڳورا، الله پاڪ جا نيڪ ٻانها اهڙا ئي هئا، هي صحيح معنيٰ ۾ قرآنِ ڪريم جا قدردان هئا، ڏينهن رات ڪثرت سان تِلاوت ڪرڻ، هڪ ڀيرو قرآنِ ڪريم مڪمل ڪري ٻيهر شروع ڪرڻ، تِلاوت کان ڪڏهن نه بيزار ٿيڻ انهن جي معمولات جو حِصو هو:

## پهرين خليفي ابو بڪر صديق رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُ جو شوقِ تِلاوت

حضرت ابو بڪر صديق رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُ مسلمانن جا پهريان خليفہ آهن، عظيمُ الشّان صحابيءِ رسول آهن، پياري آقا، مکي مدني مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جا يارِ غار به آهن، يارِ مزار به آهن. حضرت ابو بڪر صديق رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُ جڏهن مڪہ مڪرمہ ۾ تشريف فرما هئا، اڃا هجرت ڪري مديني پاڪ نه آيا هئا، ان وقت ڪين پنهنجي گهر ۾ مَسجِدِ بيت ٺاهي رکي هئي، پاڻ اتي نوافل ادا ڪندا هئا ۽ قرآنِ مجيد جي تِلاوت ڪندا هئا. حضرت ابوبڪر صديق رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُ گهڻا نرم دِل هئا، پاڻ

---

[1]...ترمذی، کتاب القراءت، صفحہ:684، حدیث:2948۔

جڏهن بہ تِلاوت ڪندا هئا تہ اڪين مان لڙڪن جي برسات شروع ٿي ويندي هئي، ايستائين جو سندن تِلاوت جو آواز ٻُڌي مشرڪ سندن جي آسپاس گڏ ٿي ويندا هئا ۽ ڪڏهن ڪڏهن انهن جي اکين مان بہ لڙڪ وهي ويندا هئا. [1]

## حضرت عبد اللّٰه بن عمر رَضِیَ اللهُ عَنْهُمَا جو شوقِ تِلاوت

حضرت نافِع رَضِیَ اللهُ عَنْه حضرت عبد اللّٰه بن عمر رَضِیَ اللهُ عَنْهُمَا جا غُلام آهن، سندن کان ڪنهن پڇيو: حضرت عبد اللّٰه بن عمر رَضِیَ اللهُ عَنْهُمَا گهر ۾ رهي ڇا ڪندا هئا؟ حضرت نافع رَضِیَ اللهُ عَنْه فرمايو: حضرت عبد اللّٰه بن عمر رَضِیَ اللهُ عَنْهُمَا جيڪو ڪجهه ڪندا هئا، ان جو معمول بنائڻ عام ماڻهن جي وس جي ڳالهہ نہ آهي. حضرت عبد اللّٰه بن عمر رَضِیَ اللهُ عَنْهُمَا جو معمول هو تہ هر نماز جي لاءِ تازو وُضُو ڪندا هئا ۽ نمازن جي وچ وارو وَقت تِلاوتِ قرآن ۾ گذاريندا هئا. [2]

## حضرت عمر بن عبد العزيز رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جو شوقِ تلاوت

حضرت عمر بن عبد العزيز رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه بہ قرآن ڪريم جي (تلاوت) جي شوقينن جي فهرست ۾ وڏو مقام رکن ٿا، پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه وڏي خوفِ خُدا وارا هئا، قرآنِ ڪريم جي تِلاوت ڪندي سندن تي رِقّت طاري ٿئي ويندي هئي، خاص ڪري اهڙيون آيتون جن ۾ قيامت ۽ آخرت جي حساب ڪتاب جو ذِڪر هوندو هو، انهن کي پڙهي تہ پاڻ خوفِ خُدا سان ڏڪڻ لڳندا هئا ۽ ڪڏهن بيهوش ٿي ويندا هئا. هڪ ڀيري حضرت عمر بن عبد العزيز رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه سورت قارعہ جون هي آيتون پڙهيون:

| | |
|---|---|
| يَوْمَ يَكُوْنُ النَّاسُ كَالْفَرَاشِ الْمَبْثُوْثِ ۙ﴿۴﴾ وَ تَكُوْنُ الْجِبَالُ كَالْعِهْنِ الْمَنْفُوْشِ ؕ﴿۵﴾ (پاره:30،سورۃ قَارِعَه:4-5) | ترجمو ڪنزُالعرفان: جنهن ڏينهن انسان پکڙيل پروانن وانگر هوندا. ۽ جبل رنگ برنگي پڃيل اُنَ وانگر ٿي ويندا. |

[1] …بخاری، کِتَابُ الْکَفَالَة، بَابُ:جَوَارِ اَبِی بَکْر، صفحه:591، حديث:2297۔

[2] …تاريخ دمشق، جلد:31، صفحه:128۔

هنن آيتن کي پڙهندي ئي حضرت عمر بن عبد العزيز رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه هڪ وڏي رڙ ڪري غَش ڪائي زمين تي تشريف فرما ٿيا.[1] حضرت عمر بن عبد العزيز رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه پنهنجي آخري وقت بہ تِلاوتِ قرآن ۾ مَصرُوف هئا، انتقال جي وقت سندن زبان مبارڪ تي هي آيت سڳوري هئي:

تِلْكَ الدَّارُ الْاٰخِرَةُ نَجْعَلُهَا لِلَّذِیْنَ لَا یُرِیْدُوْنَ عُلُوًّا فِی الْاَرْضِ وَ لَا فَسَادًاؕ وَ الْعَاقِبَةُ لِلْمُتَّقِیْنَ۝۸۳

(پاره:20،سورهٔ قَصَصْ:83)

ترجمو ڪنزُالعرفان: اهو آخرت جو گهر اسان انهن ماڻهن جي لاءِ بڻائيندا آهيون جيڪي زمين ۾ وڏائي ۽ فساد ناهن چاهيندا ۽ سنو انجام پرهيزگارن جي لاءِ ئي آهي.

هن آيت سڳوري جي تِلاوت ڪندي ئي پاڻ هن دُنيا مان رُخصت ٿيا.[2]

## امامِ اعظم رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جو شوقِ تلاوت

۞ ڪروڙين حنفين جا امام، امام اعظم ابو حنيفه رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه 45 سال تائين عشاء جي وُضُو سان فجر جي نماز ادا فرمائي، پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه رمضان المبارڪ ۾ 61 قرآنِ ڪريم ختم ڪندا هئا، 30 قرآنِ مجيد ڏينهن جي وقتن ۾، 30 قرآنِ مجيد رات جي وقتن ۾ ۽ هڪ تراويح ۾.[3] ۞ هڪ روايت جي مطابق امام اعظم رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه 55 حج ڪيا ۽ جنهن گهر ۾ سندن وفات ٿي، ان گهر ۾ پاڻ 7 هزار ڀيرا ختمِ قرآن ڪيو هو.[4] ۞ سيدي اعليٰ حضرت، امامِ اهلسنت شاه امام احمد رضا خان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: اِمامُ الْاَئِمَّہ، امامِ اعظم رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جو 30 سالن تائين هي معمول رهيو تہ پاڻ هر رات هڪ رڪعت ۾ پُورو قرآنِ ڪريم ختم

---

[1]…المنتظم فی تاریخ الملوک والامم، جلد:7، صفحه:72۔

[2]…تاریخ الخلفا، صفحه:157۔

[3]…بہارِ شریعت، جلد:1، صفحه:695، حصه:4۔

[4]…فيضانِ سنّت، صفحه:1095۔

ڪندا هئا.[1]

## سڄي رات نماز ۾ تِلاوت ڪندا رهيا

حضرت سَيِدُنا ابن ابي زائد رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا مون ڪي تنهائي ۾ امامِ اعظم رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه کان ڪو مسئلو پڇڻو هو، مون عِشَاء جي نماز پاڻ سان گڏ مسجد ۾ ادا ڪئي، نمازي نماز پڙهي هليا ويا، مان مسئلو پڇڻ جي لاءِ رُڪي ويس، امامِ اعظم رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه کي منهنجي موجودگي جو عِلم نہ هو، پاڻ بيهي نماز ۾ قرآن پڙهڻ شروع ڪيائون، مان انتظار ڪري رهيو هئس تہ ڪڏهن امامِ اعظم فارِغ ٿين ۽ مان مسئلو پڇان پر امامِ اعظم رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه تِلاوت ڪندا ويا، ڪندا ويا، جڏهن سيپاري: 27، سورت طُور جي هن آيت تي پهتا:

| | |
|---|---|
| فَمَنَّ اللّٰهُ عَلَيۡنَا وَ وَقٰىنَا عَذَابَ السَّمُوۡمِ ﴿۲۷﴾ (پاره:27،سورۃ طُوْر:27) | ترجموڪنزُ العرفان: سو الله اسان تي احسان ڪيو ۽ اسان کي(جهنم جي) سخت گرم هوا جي عذاب کان بچائي ورتو. |

تہ امامِ اعظم رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه تي رِقّت طاري ٿي وئي، پاڻ انهي آيت کي هر هر پڙهندا رهيا، ايستائين جو صبح ٿي وئي ۽ مؤذّن فجر جي اَذان ڏني .[2]

## امام بخاري رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جو شوقِ تلاوت

حديثِ پاڪ جا تمام وڏا امام، امام محمد بن اسماعيل بخاري رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه کي تِلاوتِ قرآن سان عشق جي حد تائين لڳاءُ هو، پاڻ رمضان المبارڪ ۾ روزانو هڪ قرآنِ ڪريم ختم ڪندا هئا ۽ رات جي نفلن ۾ هر ٽن راتين ۾ هڪ ختمِ پاڪ ڪندا هئا.[3]

---

1 …فتاوٰی رضویہ، جلد:7، صفحہ:476۔

2 …حکایتیں اور نصیحتیں، صفحہ:335۔

3 …ہدایۃ السّاری، صفحہ:72خلاصۃً۔

هڪ ڏينهن امام بخاري رَحْمَةُ اللہِ عَلَيْه نماز پڙهي رهيا هئا، ان دوران ماکي جي مک سندن کي 17 جڳهن تي ڏنگ هنيو، نماز پُوري ڪرڻ کان بعد پاڻ رَحْمَةُ اللہِ عَلَيْه فرمايون: ڏِسو ته ڪهڙي شيء آهي جيڪا نماز ۾ مون کي تڪليف پهچائي رهي هئي؟ شاگردن ڏٺو ته سندن پُٺي مبارڪ 17 جڳهن تان سُڄيل هئي. امام بخاري رَحْمَةُ اللہِ عَلَيْه ماکي جي مک جي 17 هنڌ ڏنگ هڻڻ جي باوُجُود نماز نه ٽوڙڻ جي متعلق فرمايو: مان هڪ آيت جي تلاوت ڪري رهيو هئس ۽ منهنجي اها خواهش هئي ته مان اها آيت پُوري ڪري وٺان.[(1)]

## حضرت اَسوَد رَحْمَةُ اللہِ عَلَيْه جو شوقِ تلاوت

حضرت اَسوَد بن يزيد رَحْمَةُ اللہِ عَلَيْه تمام گهڻا عبادت گذار هئا، پاڻ ڪيترن صحابي سڳورن رِضْوَانُ اللہِ عَلَيهِمْ جي صحبت حاصِل ڪئي، تِلاوتِ قرآن سان تمام گهڻي محبت رکندا هئا، پاڻ رَحْمَةُ اللہِ عَلَيْه هر 6 ڏينهن ۾ هڪ ختم شريف ڪيندا هئا ۽ رمضان المبارڪ ۾ سندن اها محبت گهڻي عروج تي هوندي هئي، ڪين مبارڪ معمول هو ته مغرب کان بعد عشاء تائين آرام ڪندا هئا، پوءِ سڄي رات قرآنِ پاڪ جي تلاوت ۾ گذاريندا هئا، هر ٻن راتين ۾ هڪ پيري ختم پاڪ ڪندا هئا، زِندگي جي آخري ڏينهن ۾ پاڻ سخت بيمار ٿي ويا هئا، بيماري جي شِدَّت سبب پاسو ورائڻ مشڪل ٿي ويو هو، ان جي باوُجُود سندن ذوقِ تِلاوت گهٽ نه ٿيو، پنهنجي ڀاٽيجي حضرت ابراهيم نخعي رَحْمَةُ اللہِ عَلَيْه جو سهارو وٺي تِلاوت ڪندا هئا.[(2)]

## امام نَافِع رَحْمَةُ اللہِ عَلَيْه جو شوقِ تلاوت

امام نَافِع مدني رَحْمَةُ اللہِ عَلَيْه قراءَت جا امام آهن، پاڻ پهريان غُلام هوندا هئا، پوءِ الله پاڪ ڪين آزادي جي نعمت عطا فرمائي، امام نافع رَحْمَةُ اللہِ عَلَيْه 70 تابعين کان قرآنِ ڪريم پڙهڻ جي سعادت حاصِل ڪئي، پوءِ سڄي زِندگي قرآنِ ڪريم

---

[1]...هِدايةُ السَّارِي، صفحه:70.

[2]...طبقات الكبرى لابن سعد، جلد:6، صفحه:137و138.

پڙهائيندي گذاريائون. مسجدِ نبوي شريف ۾ 70 سالن تائين دَرسِ قرآن ڏيندا رهيا. جڏهن پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه قرآنِ ڪريم پڙهائيندا هئا تہ وات مان خوشبو ايندي هئي، ڪنهن پڇا ڪئي: ڇا اوهان خوشبو لڳائيندا آهيو؟ فرمايائون: نہ، مان خوشبو ناهيان لڳائيندو، هڪ ڀيري مون کي خواب ۾ سرڪارِ عالي وقار، مڪي مدني تاجدار صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي زيارت نصيب ٿي، خوشبودار نبي، مڪي مدني، مُحَمَّد عربي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ منهنجي وات جي قريب ٿي تِلاوت فرمائي رهيا هئا، انهيءَ ڏينهن کان منهنجي وات مان خوشبو ايندي آهي.[(1)]

## امام ابو بڪر رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جو شوقِ تلاوت

امام ابوبڪر بن عَيّاش رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه بہ قراءَت جا تمام وڏا امام هئا، پاڻ سڄي زِندگي قرآنِ ڪريم پڙهندي پڙهائيندي گذاري، پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جو 40 سال تائين هي معمول رهيو جو روزانو هڪ ختمِ قرآن ڪندا هئا.[(2)] 50 سال تائين سندن لاءِ بستر نہ وڇايو ويو.[(3)] روزانو رات جو عبادت ڪندا هئا. جڏهن سندن وفات جو وقت آيو تہ سندن ڀيڻ روئڻ لڳي، پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمايائون: ڇو روئين ٿي...؟ پوءِ گهر جي هڪ ڪنڊ جي طرف اشارو ڪري فرمايائون: مون هن ڪنڊ ۾ 18 هزار قرآنِ مجيد جا ختم ڪيا آهن.[(4)]

## 3 تلاوت جا شوقين

۞ حضرت امام ڪتّاني رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه تمام وڏا عالِمِ دين گذريا آهن، پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه طواف دوران 12 هزار ڀيرا قرآنِ ڪريم ختم فرمايو.[(5)] ۞ حضرت ابو بڪر رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه الله پاڪ جا نيڪ بزرگ گذريا آهن، پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه 40 سال هيئن گذاريا جو

---

[1]...مَعْرِفَةُ قُرَّاءِ الْكِبَارللذہبی، جلد:1، صفحہ:108۔
[2]...سِيَر اَعْلَامُ النُّبَلا، جلد:7، صفحہ:686۔
[3]... سِيَر اَعْلَامُ النُّبَلا ، جلد:7، صفحہ:683۔
[4]... سِيَر اَعْلَامُ النُّبَلا ، جلد:7، صفحہ:686ملتقطاً۔
[5]... سِيَر اَعْلَامُ النُّبَلا ، جلد:11، صفحہ:469۔

روزانو هڪ ڀيرو قرآنِ ڪريم ختم ڪندا هئا.[1] ۞ حضرت محمد بن ڪعب قُرَظِي رَحْمَةُ اللہِ عَلَيۡه تمام وڏي رُتبي وارا تابعي آهن (يعني پاڻ صحابيءِ رسول جي زيارت ڪئي آهي)، پاڻ رَحْمَةُ اللہِ عَلَيۡه بہ تِلاوتِ قرآن جو گهڻو شوق رکندا هئا، پاڻ فرمائن ٿا: مان سڄي رات سورت زلزال ۽ قارعہ پڙهندو آهيان ۽ انهن ۾ غوروفڪر ڪندو آهيان، اها ڳالهہ مون کي سڄو قرآن پڙهڻ کان وڌيڪ پسند آهي..[2]

## تِلاوت جو شوق رکندڙ شهزادو

گجرات جو هڪ مشهور بادشاهہ گذريو آهي: سطان محمود اَوّل. نائين صدي هجري ۾ گجرات تي سندن حڪومت هئي، هڪ ڀيري رمضان المبارڪ جي ڇهويهين رات هئي، سلطان محمود اَوَّل عالم سڳورن جي خِدمت ۾ حاضِر هو ۽ تِلاوتِ قرآن جون فضيلتون بيان ٿي رهيون هيون، هڪ عالِم صاحب فرمايو: قيامت جي ڏينهن سج ويجهو اچي ويندو، سڀئي ماڻهو پريشاني ۾ مبتلا هوندا پر جيڪو شخص قرآنِ مجيد جو حافِظ هوندو، اهو ۽ سندس والدين نُورِ رحمت جي ڇانوَ ۾ هوندا، انهن تي سج جي گرمي اَثر نہ ڪندي. هي ٻُڌي سلطان محمود ٿڌو ساهہ ڀرندي چيو: افسوس! اسان جي اولاد ۾ ڪو بہ حافِظِ قرآن نہ آهي، تنهنڪري مان تہ هي سَعَادت حاصِل نہ ڪري سگهندس.

هن مجلس ۾ سلطان محمود جو پٽ خليل خان بہ موجود هو، عيد کان بعد خليل خان ٻئي شهر هليو ويو ۽ قرآنِ ڪريم حِفظ ڪرڻ شروع ڪيائين، خليل خان ڏينهن رات محنت ڪنو رهيو، قرآنِ ڪريم جي خوب تِلاوت ڪئي، وڏي محنت سان قرآنِ مجيد حِفظ ڪندو رهيو، ايستائين جو اکين ۾ ڳاڙهاڻ اچي وئي، ڊاڪٽرن چيو: رات جو جاڳڻ ۽ تِلاوت جي ڪثرت جي سبب اکين ۾ ڳاڙهاڻ آئي آهي، تنهنڪري ڪجهہ ڏينهن جي لاءِ آرام ڪريو. خليل خان تڙپي چيو: اکيون ڳاڙهيون ٿي ويون تہ ڇا ٿيو؟ اِنْ شَآءَ الله الْکَرِيۡم! اها ڳاڙهاڻ دُنيا ۽ آخرت ۾ سُرخروئي (يعني ڪاميابي) ڏياريندي، مان پنهنجي پڙهائي ۾ ڪمي نٿو

[1]… سِيَر اَعْلَامُ النُّبَلا ، جلد:7، صفحہ:686ـ

[2]…حلية الاوليا، جلد:3، صفحہ:249، رقم:3848ـ

ڪري سگهان. آخرڪار هڪ سال تائين ڏينهن رات محنت ڪرڻ ڪان بعد خليل خان حافِظِ قرآن بڻجي ويو ۽ آئنده سال پنهنجي والد سلطان محمود وٽ پهچي چيائين: هن سال رمضان المبارڪ ۾ تراويح مان پڙهائيندس. سلطان حيرت وچان پڇيو: توهان ڪڏهن ڪان حافِظ ٿيا آهيو؟ خليل خان والِد کي اهو ئي واقعو ياد ڏياريو ۽ عُلَماء ڪرام جي گفتگو ياد ڏيارائي ۽ چيائين: بَس انهيء وقت مون قرآنِ مجيد حِفظ ڪرڻ شروع ڪيو هو ۽ هاڻي مان حافِظ آهيان. سلطان محمود پنهنجي هوشيار پٽ کي تراويح پڙهائڻ جي اجازت ڏني، خليل خان پهرين ڏينهن تراويح ۾ سڄو قرآنِ ڪريم ختم ڪيو، سلطان پويان بيهي ٻڌندو رهيو، ٻئي ڏينهن وري پُورو قرآنِ ڪريم ختم ڪيو، سلطان پويان بيهي ٻڌندو رهيو، پهرين 16 تراويح ۾ خليل خان 16 پيرا قرآن پاڪ ختم ڪيو، سورهين ڏينهن سلطان محمود پنهنجي هونهار پٽ کي سيني سان لڳايو، پيشاني تي چمي ڏيندي چيو: خليل خان! توهان جو شڪريو ڪيئن ادا ڪيان جو توهان منهنجي لاءِ قيامت جي ڏينهن سج جي گرمي ڪان بچڻ جو سامان ڪيو آهي.

## رشڪ ڪنهن تي ڪريون.....؟

اي عاشقانِ رسول! غور فرمايو! هي ڪيترا عظيم ماڻهو هئا، انهن کي تِلاوتِ قرآن جو ڪيترو شوق هو؟ ڪو روزانو ختمِ قرآن ڪندو هو، ڪو 2 ڏينهن ۾ هڪ ڀيري مڪمل قرآنِ مجيد پڙهندو هو، ڪنهن سڄي زِندگي ۾ 18 هزار ڀيرا ختمِ قرآن جي سَعادت ماڻي، ڪنهن 12 هزار قرآنِ مجيد مڪمل پڙهيا. انهن تي رشڪ ڪرڻ گهرجي، اسان جي حالت تہ اهڙي ٿي چڪي آهي جو اسان دُنيا داري تي رشڪ ڪيون ٿا ۞ ڪو مهانگي گاڏي ڏسي تہ بي اختيار آهہ! نڪرندي آهي: ڪيتري پياري گاڏي آهي...!! ڪڏهن تہ الله پاڪ مون کي بہ عطا فرمائيندو ۞ ڪنهن عاليشان گهر پرسان گذرون تہ بي اختيار چوندا آهيون: ڪيترو عاليشان بنگلو آهي ۞ ڪنهن عهدي دار کي ڏسون تہ رشڪ ڪندا آهيون۞ ڪنهن امير ڪبير کي ڏسي ونون تہ رشڪ ڪندا آهيون

۞ ڪنهن جي بينڪ بيلنس جي باري ۾ ٻڌون تہ وات ۾ پاڻي اچڻ لڳي ٿو. ڪاش! اسان تلاوتِ قرآن جي شوقينن تي رَشڪ ڪرڻ وارا بڻجي وڃون. اسان جي پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ فرمايو: رشڪ صِرف ٻن ماڻهن تي آهي: 1: هڪ اهو جنهن کي الله پاڪ قرآن عطا ڪيو ۽ هو ڏينهن رات ان جي تلاوت ڪري ٿو 2: ٻيو اهو جنهن کي الله پاڪ مال عطا ڪيو ۽ هو ڏينهن رات پنهنجو مال راهِ خُدا ۾ خرچ ڪري ٿو.(1)

## شوقِ تِلاوت پيدا ڪريو!

پيارا اسلامي ڀائرو! اسان کي بہ گهرجي تہ دِل ۾ شوقِ تِلاوت وڌايون ۽ روزانو ڪجھ نہ تِلاوت ضرور ڪريون، ٿي سگهي تہ ڪجھ سُورتون زباني ياد ڪري وٺون، وقت بوقت پڙهندا رهون بلڪ نماز ۾ انهن سُورتن جي تِلاوت ڪريون، اِنْ شَآءَ الله الْڪَرِيْم! ڪوڙ ثواب نصيب ٿيندو. مسلمانن جا چوٿان خليفہ اميرالمؤمنين حضرت موليٰ علي رَضِيَ اللهُ عَنْه فرمائن ٿا: جيڪو نماز ۾ بيهي تِلاوت ڪري، ان جي لاءِ هر اکر جي بدلي 100 نيڪيون آهن، جيڪو نماز ۾ ويهي تِلاوت ڪري، الله پاڪ ان جي لاءِ هر اکر جي بدلي 50 نيڪيون لکي ٿو، جيڪو نماز کان عِلاوه قرآنِ مجيد جي تِلاوت ڪري، ان جي لاءِ هر اکر جي بدلي 10 نيڪيون آهن، .(2)

## قرآن بلندي عطا ڪري ٿو

هڪ حديث شريف ۾ آهي: قرآن شفاعت ڪرڻ وارو آهي ۽ ان جي شَفَاعت قبول ڪئي ويندي، جيڪو ٻانهو قرآنِ مجيد کي پنهنجو امام بڻائي، قرآنِ ڪريم ان کي جنّت ڏانهن وٺي ويندو آهي ۽ جيڪو ٻانهو قرآنِ مجيد کي ڇڏي ڏئي، ان کي جهنّم جي طرف هلائي ڇڏيندو آهي.(3)

---

[1]…مسلم، كتاب صلاة المسافرين، باب:من يقوم بالقرآن، صفحہ:293، حديث:267۔

[2]…تنبيه الغافلين، صفحہ:239۔

[3]…مصنف ابن ابی شيبہ، باب تعليم القرآن، جلد:3، صفحہ:229، حديث:6030۔

فقيهہ اَبُو اللَّيث سمرقندي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: يعني جيڪو ٻانهو قرآنِ مجيد جي تِلاوت ڪري، ان تي عَمَل ڪري، قرآنِ مجيد ان کي جنّت ۾ پهچائي ڇڏيندو آهي ۽ جيڪو قرآنِ ڪريم سان بي وفائي ڪري، ان جي تِلاوت نہ ڪري، ان تي عَمَل نہ ڪري تہ قيامت جي ڏينهن ان کي جهنّم جي طرف موڪليو ويندو.[1]

## چار شيون اجنبي آهن

حضرت ابوهريره رَضِيَ اللهُ عَنْه کان روايت آهي، الله پاڪ جي آخري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ فرمايو: دُنيا ۾ 4 شيون اجنبي آهن 1: ظالِم جي دِل ۾ قرآن اجنبي آهي 2: آبادي ۾ ويران مسجد جو ان ۾ نماز نہ پڙهي وڃي. 3: اهو گهر جتي قرآنِ مجيد جي تِلاوت ناهي ڪئي ويندي، اتي قرآنِ مجيد اجنبي آهي. 4 بُري قوم ۾ نيڪ ٻانهو[2]

الله! الله! اي عاشقانِ رسول! غور فرمايو! ڇا اڄ اسان جي اڪثر گهرن جي اها ئي حالت نہ آهي؟ اتي قرآنِ مجيد موجود آهي پر هن جي تِلاوت ناهي ڪئي ويندي، ڪيئي ڪيئي ڏينهن تائين ان کي ناهي کوليو ويندو، اسان جي آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ فرمايو: اهڙو گهر جتي قرآنِ ڪريم موجود آهي پر ان جي تِلاوت ناهي ڪئي ويندي، ان گهر ۾ قرآن اجبني آهي. اندازو ڪيو! جيڪڏهن اڄ اسان پنهنجي گهرن ۾ قرآنِ مجيد کي اجنبي بڻائي رکنداسين تہ سياڻي قبر ۾ قرآنِ مجيد سان اُنسيت ڪيئن حاصِل ڪري سگهنداسين؟ ان ڪري اسان کي گهرجي تہ اڄ اسان دُنيا ۾ قرآنِ مجيد کولڻ جي عادَت بڻايون، قرآنِ مجيد جي گهڻي مان گهڻي تِلاوت ڪريون، پنهنجو جدول بڻايون، روزانو جو هدف مقرر ڪريون تہ مان روزانو ايتري تِلاوت ڪندس، پوءِ ان هدف تي استقامت سان عَمَل ڪيون، شروع شروع ۾ ٿي

---

[1] ...تنبيہ الغافلين، صفحہ:238۔

[2] ...تنبيہ الغافلين، صفحہ:239۔

سگهي ٿو ته استقامت نه مِلي سگهي، ممڪن آهي دل نه به لڳي، پر جيڪڏهن پاڻ تي قابو رکي، نفس کي مجبور ڪري تِلاوت ڪندا رهنداسين ته اِنْ شَآءَ الله الْكَرِيْم! ڪجهه ئي ڏينهن ۾ عادَت بڻجي ويندي، قرآنِ مجيد جي محبّت دِل ۾ ويهڻ لڳندي، تِلاوت ۾ دِل به لڳڻ لڳندي، جيڪڏهن اسان تِلاوت جو معمول بڻائي وٺنداسين ته اِنْ شَآءَ الله الْكَرِيْم! دِل جو زنگ لهڻ لڳندو، پوءِ تِلاوت سان گڏوگڏ قرآنِ مجيد کي سمجهڻ جو شوق به پاڻ مرادو وڌڻ لڳندو، جڏهن اسان قرآنِ مجيد کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪنداسين ته اِنْ شَآءَ الله الْكَرِيْم! هن تي عَمَل ڪرڻ جو به ذهن بڻجي ئي ويندو، بَس شرط هي آهي ته اسان باقاعده اهتمام سان، آدابِ تِلاوت جو لحاظ رکندي تِلاوت ڪريون.

الله پاڪ اسان کي عَمَل جي توفيق عطا فرمائي.

آمِين بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِیّین صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ۔

میں ادب قرآن کا ہر حال میں کرتا رہوں | ہر گھڑی اے میرے مولیٰ میں تجھ سے ڈرتا رہوں

## 12 ديني ڪمن مان هڪ ديني ڪم:

## مدرسة المدينه بالغان

پيارا اسلامي ڀائرو! اَلْحَمْدُ لِلّٰه! عاشقان رسول جي ديني تحريڪ دعوتِ اسلامي سڄي دُنيا ۾ قرآن ۽ سُنّت جو پيغام عام ڪرڻ ۾ مَصْرُوفِ عَمَل آهي، نيڪ نمازي بڻجڻ، شوقِ تِلاوت ماڻڻ، قرآن سکڻ ۽ تِلاوت جو معمول بنائڻ جي لاءِ عاشقانِ رسول جي ديني تحريڪ دعوتِ اسلامي جي ديني ماحول سان وابسته ٿي وڃو ۽ ذيلي حلقي جي 12 ديني ڪمن ۾ به خوب وڌي حِصو وٺو! اِنْ شَآءَ الله الْكَرِيم! دِل روشن ٿيندي، قبر ۽ آخرت جي تياري جو ذِهن بڻجندو ۽ دين ۽ دُنيا جون ڪوڙ ڀلائيون نصيب ٿينديون. ذيلي حلقي جي 12 ديني ڪمن مان هڪ ديني ڪم مدرسة المدينه بالغان به آهي.

الحمدلله! مبلغينِ دعوتِ اسلامي مسجدن، مارڪيٽن، اسڪولن، ڪاليجن

وغيره ۾ جڳهہ ۽ وقت مقرر ڪري وڏي عمر جي اسلامي ڀائرن کي درست تجويد ۽ قرات سان قرآنِ ڪريم پڙهڻ سيکارڻ جي سعادت حاصل ڪندا آهن. اوهان بہ ڪوشش ڪري مدرسة المدينہ بالغان ۾ شرڪت جي سعادت حاصل ڪيو! هن جي برڪت سان بيشمار برڪتون نصيب ٿينديون. اچو ترغِيب جي لاءِ هڪ مدني بهار ٻڌون ٿا:

## گهر ۾ مدني انقلاب

دنياپور (ضلعو لوڌران، پنجاب پاڪستان) جي هڪ اسلامي ڀاءُ جي بيان جو خلاصو آهي تہ دعوتِ اسلامي جي ديني ماحول ۾ اچڻ کان پهريان منهنجي عملي حالت انتهائي افسوس ناڪ هئي، نماز روزي کان پري، فحاشي ۽ بدنگاهي جو شوقين ۽ ديني معلومات کان بلڪل خالي هئس. اسان جو پورو گهراڻو ئي فلمن، ڊرامن جو بيحد شوقين هو. منهنجي اونداهي زندگي ۾ نيڪين جو سج ان وقت ايريو جو جڏهن اسان خانيوال شهر ۾ رهندا هئاسين، هڪ ڏينهن دعوتِ اسلامي سان وابستہ هڪ اسلامي ڀاءُ انفرادي ڪوشش ڪندي مون کي مدرسةُ المدينہ بالغان ۾ تجويد و قرات جي مطابق قرانِ پاڪ پڙهڻ جو ذهن ڏنو، جيڪو جامع مسجد گلزارِ مدينہ لوڪوشيڊ ۾ قائم هو. ان جي سمجهائڻ تي مون مدرسةُ المدينہ بالغان ۾ داخلا ورتي ۽ پابندي سان شرڪت ڪرڻ لڳس. ان جي برڪت سان نماز روزي، وضو ۽ غسل وغيره جا مسئلا سکيا ۽ دعوتِ اسلامي جي ديني ماحول سان ويجهو ٿيندو ويس، انهيءَ دوران اميرِاهلسنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جا رسالا پڙهڻ سان فڪرِ آخرت جو ذهن مليو. جڏهن مان مڪمل طور تي ديني ماحول سان وابستہ ٿي ويس تہ گهر وارن تي بہ انفرادي ڪوشش شروع ڪئي. الله پاڪ جي ڪرم ۽ اميرِ اهلسنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جي ڏنل گهر ۾ ديني ماحول بنائڻ وارن پندرهن مدني گلن تي عمل جي برڪت سان ان ۾ بہ انقلاب برپا ٿي ويو، گهر جا سمورا ڀاتي دعوتِ اسلامي جي ديني ماحول سان وابستہ ٿي ويا. اَلْحَمْدُلِلّٰه فلمن ڊرامن جو سلسلو پڻ بند ٿي ويو. سيئي اميرِ اهلسنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جي ذريعي سلسلهء عاليہ قادريہ رضويہ ۾ داخل ٿي عطاري

ٻڌجي چڪا آھن.

عطا ہو شوق مولیٰ مدرَسے میں آنے جانے کا | خدایا ذوق دے قراٰن پڑھنے کا پڑھانے کا
یہی ہے آرزو تعلیمِ قراٰں عام ہوجائے | ہر اِک پرچم سے اونچا پرچمِ اسلام ہو جائے

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

پيارا اسلامي ڀائرو! بيان کي ختم ڪندي سنّت جي فضيلت ۽ ڪجهه سنّتون ۽ آدابِ زندگي بيان ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪيان ٿو. تاجدار رسالت، شهنشاهِ نُبُوَّت، مصطفيٰ جانِ رحمت صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جو فرمان آهي: مَنْ اَحَبَّ سُنَّتِی فَقَدْ اَحَبَّنِی وَمَنْ اَحَبَّنِی کَانَ مَعِیَ فِی الْجَنَّةِ جنهن منهنجي سنّت سان محبت ڪئي ان مون سان محبت ڪئي ۽ جنهن مون سان محبت ڪئي اهو جنّت ۾ مون سان گڏ هوندو.[1]

سینہ تیری سُنّت کا مدینہ بنے آقا! | جنت میں پڑوسی مجھے تم اپنا بنانا

## نالو رکڻ جون سنتون ۽ آداب

ٻه فرمان مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ: 1 چڱن جي نالن تي نالا رکو.[2] 2 قيامت جي ڏينهن توهان کي توهان جي ۽ توهان جي پيئرن جي نالن سان پڪاريو ويندو لهٰذا پنهنجا چڱا نالا رکو.[3]

اي عاشقانِ رسول! مفتي امجد علي اعظمي رَحْمَۃُ اللّٰہِ عَلَیْہ فرمائن ٿا: ٻار جو سنو نالو رکيو وڃي، ڪيئي ماڻهن جا اهڙا نالا آهن جن جي ڪجهه معنيٰ نہ آهي يا انهن جي بُري معنيٰ آهي اهڙن نالن کان پرهيز ڪريو. ۞ انبياءِ ڪرام عَلَیْہِمُ السَّلَام ۽ صحابہ ۽ تابعين رِضْوَانُ اللّٰہِ عَلَیْہِمْ جي نالن تي نالو رکڻ بهتر آهي، اُمّيد آهي تہ ان جي برڪت ٻار ۾ شامل حال ٿي ويندي ۞ ٻار زنده پيدا ٿئي يا مُرده ان جو بدن مڪمل ٿيو هجي يا مڪمل نہ ٿيو هجي بهرحال ان جو نالو رکيو وڃي

1 …مشکوٰۃ،کتابُ:الْاِیمان،بابُ:الْاِعْتِصَام، جلد:1، صفحہ:55، حدیث:175۔

2 …مسند الفردوس، جلد:2، صفحہ:58، حدیث:2329۔

3 …ابو داؤد، کتاب الادب، باب:فی تغییر الاسما، صفحہ:775، حدیث:4948۔

۞ حديث پاڪ ۾ (آهي تہ) ڪجّي ٻار جو نالو رکو چوتہ اللہ پاڪ ان جي ذريعي توهان جي عمل جي ترازو کي وزني ڪندو ۞ جبريل يا ميڪائيل وغيره نالو نہ رکو ۞ فرمان مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ: ملائڪن جي نالن تي نالو نہ رکو ۞ يٰسين يا طٰہٰ نالو رکڻ منع آهي۞ محمد يٰسين نالو بہ نہ رکو، ها چاهيو تہ غُلام يٰسين ۽ غلام طٰہٰ رکو ۞ جيڪي نالا بُرا هجن انهن کي بدلي سٺو نالو رکڻ گهرجي جو پنهنجي امت سان پيار ڪرڻ وارا پيارا پيارا آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ بُرن نالن کي چڱن نالن سان بدلي ڇڏيندا هئا. هڪ خاتون جو نالو عاصِيہ (يعني گنهگار) هو، رسولِ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ان جو نالو بدلي جَمِيلہ رکيو ۞ اهڙا نالا رکڻ جائز نہ آهن، جيڪي غير مسلمن جي لاءِ مخصوص هجن ۞ غُلام رسول، غُلام صديق، غُلام حُسين، غُلام غوث، غُلام رضا نالو رکڻ جائز آهي.[1]

مختلف سنتون سکڻ جي لاءِ مڪتبة المدينہ جي ”بهارِ شريعت“ جلد:3، حصو: 16 ۽ شيخِ طريقت، امير اهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جو 91 صفحن جو رسالو ”550 سنتون ۽ آداب“ خريد ڪيو ۽ پڙهو، سنتون سکڻ جو هڪ ذريعو دعوتِ اسلامي جي مدني قافلن ۾ عاشقانِ رسول سان گڏ سنتن ڀريو سفر پڻ آهي.

| | |
|---|---|
| رب کے در پر جھکیں التجائیں کریں | بابِ رحمت کھلیں قافلے میں چلو |
| عاشقانِ رسول ان سے رحمت کے پھول | آؤ لینے چلیں قافلے میں چلو |

اللہ پاڪ اسان کي مدني قافلن ۾ سفر ڪري علمِ دين سکڻ جي توفيق عطا فرمائي. آمِيْن بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

[1]…550سنتیں اور آداب، صفحہ:63-68ملتقطاً۔